# چيف جسٽس جو عهدو ۽ آئيني تقاضائون!

اياز لطيف پليجو ايڊووڪيٽ

ڪجهه مهينا اڳ سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد ۾ پاڪستان جي چوٽيءَ جي ادارن مان هڪ جي سربراهه جو اچڻ ٿيو هو. پروگرام جي ڪارروائي مون هلائي هئي ۽ پڄاڻي مهل ان شخصيت مون کي ٻانهن کان جهلي مبارڪ ڏيندي پڇيو هو ته، توهان ايل ايل بي جي ڪهڙي پارٽ ۾ پڙهو ٿا؟ اوڏي مهل ڪاليج جي پرنسپال ۽ نامور قانوندان احمد علي شيخ ساڻس منهنجو تعارف ڪرايو هو ته، هيءُ شاگرد نه، پر استاد آهي. اهو ٻڌي هن نامور انسان مون کي چيو هو، ”پنهنجي والد کي چئجئين ته ڪوئيٽا ايئرپورٽ تي موڪلائڻ مهل جيڪي لفظ تو مونکي چيا هئا، سي مون کي ياد آهن، آئون ملازمت نه ڪندس پر ذميواري نڀائيندس.“ اهي شاندار جملا چوندڙ ماڻهو ٻيو ڪو نه، پر چيف جسٽس آف سپريم ڪورٽ جسٽس افتخار محمد چوڌري هو ۽ ان ڪچهري مهل ساڻس گڏ جسٽس رانا ڀڳوانداس، جسٽس انور ظهير جمالي، جسٽس علي سائين ڏنو ميتلو، جسٽس غلام رباني قريشي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. اڄ ڪجهه مهينا گذرڻ کان پوءِ هو پنهنجن انهن شاندار جملن جو ڀرم رکندي گهر ۾ محدود ڪيو ويو آهي، ۽ 14 ڪروڙ ماڻهن پاران ڏنل ذميواري نڀائي پيو.

تاريخ ۾ قومون، ملڪ، ماحول، پارٽيون ۽ حالتون وڏا انقلاب ۽ وڏا ماڻهو پيدا ڪندا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن گمنامين، جهالتن، محرومين ۽ اڪيلائين جي صفن کي چيري ماڻهو ثابت قدمن ۽ حوصلن جا اهڙا مثال قائم ڪندا آهن، جو قومون، ملڪ ۽ تاريخ انهن لمحن ۾ انهن جي نالن سان سجاتا ويندا آهن. پاڪستان جي عدالتي تاريخ ۾ اتفاق سان اڪثر اهڙن بيمثال ماڻهن جو تعلق ڪنهن نه ڪنهن طريقي سنڌ يا ٻين ننڍن صوبن سان رهيو آهي. جسٽس محمد بخش، جسٽس ويلاڻي، جسٽس بچل ميمڻ، جسٽس دراب پٽيل، جسٽس فخر الدين جي ابراهيم، جسٽس عبدالقادر شيخ، جسٽس طفيل علي عبدالرحمان، جسٽس وجيهه الدين،

جسٽس سجاد علي شاهه، جسٽس ناصر اسلم زاهد، جسٽس مختيار جوڻيجو پاران انصاف ۽ قانون جي بالادستيءَ لاءِ ٻاريل مشعلن جي تسلسل کي جاري رکڻ لاءِ جيڪا ٻانهن اچ اڳتي وڌي آهي، اها به هڪ اهڙي شخص جي آهي، جيڪو هجي پلي چوڌري ئي ۽ وٽس ڊوميسائيل ته برابر بلوچستان جو آهي، پر هن ايل ايل بي سنڌ لاءِ ڪاليج حيدرآباد مان ڪئي ۽ ننڍپڻ حيدرآباد، نوابشاهه ۽ سانگهڙ جي گهٽين ۾ گذاريو. هڪ اهڙو مهان ماڻهو، جيڪو رات جو 1 بجي چيف جسٽس هائوس اسلام آباد ۾ ڪي ٽي اين تي سنڌي خبرون ڏسندي چرڪ ٿو پري ته قاسم آباد ۾ 9 ۽ 11 سالن جي ٻارن کي هٿڪڙيون هڻي ويهاريو ويو آهي ۽ هو اوڏي مهل فون ذريعي حيدرآباد جي سيشن جج کي ننڊ مان ٿو اٿاري. ٽاڻي تي رات 2 بجي ڇاپو ٿو لڳي ۽ ٻار آزاد ٿي پنهنجي مائرن وٽ ٿا پهچن. هي عدلِ جهانگيري ۽ رومن انصاف کان مٿي جي ڳالهه ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟

منو ڀيل سالن کان اهل اقتدار ۽ اهل اختيار آڏو ٻاڏائيندو رهيو، ڪو والي وارث نه ٿيو، پر اوچتو هڪ ڏينهن مانواري سپريم ڪورٽ نوٽيس ٿي وٺي ۽ پاور ڪاريڊورز جو لاڏلو وڏيرو رات وچ ۾ قيد ٿيو وڃي. لياري ٽاسڪ فورس ڏينهن ڏٺي جو رسول بخش بروهي کي ڪنپيو ڪنيو وڃي ۽ پوءِ سندس لاش کي ڇچريل حالت ۾ ڏاڙيل ڄاڻائي دفنائڻ تي اچي ته سندس مدد لاءِ نه ڪو ضلعي عملدار، نه ڪو وزير، نه ڪو ايم اين اي، ايم پي اي ٿو اچي، پر اچي ٿو ته افتخار محمد ٿو اچي. جيڪو پاڻ به چوڌري آهي، پر ڊي ايس پي چوڌري اسلم جي گرفتاري به سندس حڪمن تحت ئي ٿئي ٿي. ان کان وڌيڪ ٻي ريا انصاف سنڌين ۽ پاڪستانين کي ڪڏهن مليوآهي؟ اوڪاڙه مان حيدرآباد اچي پيار جو پرڻو ڪندڙ ڇوڪري هڪ مقامي جج زوري مائٽن حوالي ٿو ڪري ته چيف جسٽس جي حڪمن تحت ڇوڪري واپس آندي ٿي وڃي ۽ مقامي جج 24 ڪلاڪن ۾ سسپينڊ ٿيو وڃي. ان کان وڌيڪ ترت فيصلو ٻيو ڪهڙو هوندو؟ آهن ڪي اهڙا مثال ماضيءَ ۾ جو بجاراڻي ۽ ٻيا سردار سڱ ڇٽين ۽ جرڳائي ناانصافين ڪرڻ تي سپريم ڪورٽ آڏو طلب ٿيا هجن ۽ ضامن پيش ڪيا هجن. لاهور ۾ وزير اعليٰ بسنت جي موڪل ڏي ۽ ڪورٽ سڳوري چوي ته ان دوران مرندڙ معصوم ٻارن جا ڪيس حڪمرانن تي داخل ڪيا ويندا. اسٽيل مل ۾ اهل اقتدار پوئين دروازي کان سوديبازي

ڪن ۽ سپريم ڪورٽ سڳوري وڪرو رد ڪري ملڪ جا اربين رپيا بچائڻ لاءِ اهل اقتدار کي ناراض ڪري ته پوءِ الزام ته لڳندا. جڏهن ملڪ جي اعليٰ ترين عدالت جو سربراهه قوم پرست ۽ مذهبي تنظيمن سان تعلق رکندڙ سوين ماڻهن جي پُراسرار گمشدگين کي اغوا ڄاڻائي صفدر سرڪي، رئوف مينگل، آصف بالادي ۽ پنجاب توڙي سرحد جي سوين نوجوانن جو پڇاڻو ڪندو ۽ اٽارني جنرل کي حڪم ڏيندو ته بنا دير گم ٿيل ماڻهو ظاهر ڪرايا وڃن ته پوءِ ملڪ پڪراج جو اڳوڻو نائي پني نپرڻ تي ضياءُ الحق جي دور وانگر ”ظلم کي داستان“ جهڙا خط نه لکندو ته روزي ڪيئن حلال ڪندو؟

ڏيڍ سال تائين جيڪو شخص پاڪستاني آئين جي آرٽيڪل 4، 9 ، 10 ، 4 1 ۽ 25 جي بالادستيءَ لاءِ راتين جو اوجاڳا ڪري ماڻهن جي آزادي، وقار ۽ برابري جي ويڙهه وڙهندو رهيو، اڄ ان جي آزادي، ان جو وقار ۽ ان جا بنيادي حق نشاني تي آهن. جسٽس وجيهه الدين ۽ منير ملڪ بلڪل صحيح چيو آهي ته، جيڪڏهن افتخار محمد چوڌري کي هٽائڻ آئيني قدم آهي ته پوءِ نواز شريف پاران موجوده حڪمرانن کي برطرف ڪرڻ به آئيني قدم هو، ان تي عمل چو نه ٿيڻ ڏنو وڃي؟ جيڪڏهن نعيم بخاري جي خط سان بنا ڪيس هلائڻ جي (No one should be condemned unheard) جي اصول جي توهين ڪندي چيف جسٽس خلاف ڪارروائي ٿي سگهي ٿي ته پوءِ موجوده حڪمرانن خلاف نواز شريف، جاويد هاشمي، بينظير ڀٽو، عمران خان، رسول بخش پليجو، عطاءُ مينگل، اڪبر بگٽي ۽ قاضي حسين احمد سوين خط لکي ۽ بيان ڪڍي چڪا آهن. پوءِ چو نٽا پارليامينٽ، اعليٰ عدالت ۽ آئين جا محافظ موجوده حڪمرانن کي گهر پيڙو ڪن؟

آئين جي آرٽيڪل 209 ۾ ڪٿي به اهو لکيل ناهي ته صدر صاحب بذات خود چيف جسٽس کي سندس عهدي تان هٽائي سگهي ٿو. هو فقط سپريم جوڊيشل ڪائونسل (Supreme Judicial Council) کي ان ڏس ۾ فيصلي لاءِ چئي سگهي ٿو. ٻئي طرف آئين جو آرٽيڪل 43 ته وضاحت سان چوي ٿو ته ملڪ جو صدر ڪنهن به سرڪاري ملازمت يا ٻئي عهدي تي نٿو رهي سگهي ته پوءِ ججن بدران حڪمرانن خلاف آئيني ڪارروائي

ڇو نہ ٿيڻ گهرجي؟ آئين جي آرٽيڪل 177 تحت صدر چيف جسٽس مقرر تہ ڪري سگهي ٿو، پر ڪنهن موجود چيف جسٽس کي هٽائڻ جا ڪيس قطعن اختيار نہ آهن. نہ صرف اهو، بلڪہ آئين جي آرٽيڪل 180تحت سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس فقط سينئر ترين جج ئي ٿي سگهي ٿو. تہ پوءِ هن ملڪي بحران دوران جسٽس رانا ڀڳواناس صاحب ئي سينئر ترين جج آهي. پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 9209جي سب ڪلاز 5 جي پاڳي (ط) موجب جيڪڏهن ڪنهن جج جي غير ذميوارانہ رويي (Misconduct) خلاف صدر يا سپريم جوڊيشنل ڪائونسل کي ڪا ڄاڻ ملي بہ هجي تہ بہ سب ڪلاز 6 موجب سپريم جوڊيشل ڪائونسل ان جو جائزو وٺي جڏهن صدر کي پنهنجي موقف ۽ فيصلي کان آگاهہ ڪندي تہ پوءِ ئي 209 آرٽيڪل جي سب ڪلاز (6) 6 (b بي) موجب صدر ان کي هٽائي سگهندو.

هن وقت ملڪ جي سمورن ادارن، آئين جي محافظن، سياستدانن، قانوندانن ۽ محب وطن ماڻهن آڏو سوال آهي تہ جڏهن آئين جي آرٽيڪل 209 جو سب ڪلاز 7 چوي ٿو تہ متي ڄاڻايل طريقہ ڪار کان سواءِ ڪنهن بہ جج کي هٽائي ئي نٿو سگهجي تہ پوءِ ريفرنس سپريم جوڊيشل ڪائونسل کي موڪلڻ بجاءِ پاڻمرادو ڪارروائي ڪندي جسٽس چوڌري کي ڪيئن هٽايو ويو؟ ڇا هن ملڪ جي اها تقدير بڻيل آهي تہ جڏهن بہ ملڪ جي وڏي صوبي جي صفن مان ڪو افتخار محمد چوڌري يا ڪو جنرل آصف نواز جڃ ملڪ جي ڏڪاريل ۽ دٻايل محڪوم ماڻهن جي لاءِ ڇپر ڇانوَ بنجڻ جي ڪوشش ڪري تہ يا هو وقت کان اڳ ۾ موت جو بک بڻجي، يا پنهنجي عهدي تان زبردستي غير آئيني طريقي سان لاٿو وڃي. ملڪ جي ڪروڙين ماڻهن جون نگاهون نهاري رهيون آهن جج صاحبن، وڪيلن، حڪمرانن ۽ چونڊيل نمائندن ڏانهن تہ ڇا هو ايڪيهين صديءَ ۾ پاڻ سان تہ ٺهيو پر پنهنجي چيف جسٽس سان ڪنهن انصاف جي توقع رکن. 13 مارچ تي سپريم جوڊيشل ڪائونسل کي ثابت ڪرڻو آهي تہ اها جسٽس منير وارو رستو وٺندي يا مولوي تميز الدين وارو، مولوي مشتاق ۽ نسيم حسن شاهہ وارا اصول اختيار ڪيا ويندا، يا دراب پٽيل، فخر الدين جي ابراهيم، وجيهہ الدين ۽ افتخار محمد چوڌري وارا.